# با ادب با نصيب

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

05-October-2017

www.dawateislami.net

مبلغ بيان ڪرڻ ڪان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# با ادب با نصيب

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مُصطفٰيصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي شوق ۽ محبت جي ڪري ٽي ٽي ڀيرا دورد پاڪ پڙهيو **الله** عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي ته هو انهيءَ جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهه بخشي ڇڏي. (مُعْجَم كبير ،۱۸/۳۶۲ ،حديث:۹۲۸)

اپنے خطاواروں کو اپنے ہی دامن میں لو کون کرے یہ بھلا، تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس

❁ ضرورت پوڻ تي سِرڪي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ  ڇڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس. دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندَس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي، جيڪو ڪجھ ٻڌندَس ان تي عمل ڪري ان کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نالي جو ادب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جو پيارو مذهب، دِينِ اسلام اسان کي هن ڳالھ جي تعليم ڏئي ٿو تہ اسان مقدّس هستين، متبرّڪ جڳهن ۽ بابرڪت شين جو احترام ڪريون ۽ بي اَدَبي کان ۽ بي ادبي ڪرڻ وارين جي صحبت کان پنهنجو پاڻ کي پري رکون. هڪ زمانو هو تہ هر مسلمان هڪ ٻئي جي عزّت ۽ حُرمت جو پاسدار، حُسنِ اَخلاق جو آئينہ دار، باادب، حياء دار ۽ سنّتِ سرڪار جي هلندڙ يادگار هوندو هو. اولاد پنهنجي والدين کان ۽ شاگرد ۽ مريد پنهنجي استاد ۽ پير کان اڪيون ملائڻ تہ رهيو پري پر انهن جي اڳيان اچڻ کان ڪيٻائيندا هئا، انهن سان گفتگو دوران اکيون نماٽيون ڪري، آواز گهٽ ڪري انهن جو حڪم مڃيندا هئا. سامهون تہ سامهون سندن غير موجودگي ۾ بہ انهن جو ادب ڪندا هئا. وڏن کي نالن سان نہ بلڪ لقبن ۽ سٺن لفظن سان سڏيندا هئا غرض هر ڪنهن جي رتبي جو لحاظ (Respect) ۽ ندين  وڏن جي تميز برقرار رکندا هئا ۽ صرف هي نہ بلڪ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اولياءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجمَعِين اهڙي طرح مسجدن، مزارن، قرآنِ ڪريم، ڪتابن،

تحريرن ۾ الله وارن سان منسوب شين جو بہ خوب خوب ادب ڪيو ويندو هو. پر افسوس! اڄڪلهہ اسان جي اڪثريت ان اخلاق ۽ آداب کان محروم ٿي چڪي آهي، اهو ئي سبب آهي تہ بد اخلاقي ۽ بي ادبي جا نظارا عام نظر اچن ٿا، نہ صرف والدين، استاد ۽ پِير بلڪ انهن کان وڌيڪ مقدّس هستين جي ادَب ۽ احترام ۾ ڪمي ايندي پئي وڃي. شايد انهي بي ادَبين ۽ بَدلحاظِين جي ڪري اسان ڏينهون ڏينهن گهريلو خوشحالي (Happiness)، ترقّي ۽ اُخروي فائدن ۽ برڪتن کان محرومي جا شڪار آهن. منقول آهي تہ مَا وَصَلَ مَنْ وَصَلَ اِلَّا بِالْحُرْمَةِ وَ مَا سَقَطَ مَنْ سَقَطَ اِلَّا بِتَرْکِ الْحُرْمَةِ وَ التَّعْظِيمِ جنهن جيڪو ڪجهہ ماڻيو ادب ۽ احترام سبب ماڻيو ۽ جنهن جيڪو ڪجهہ وڃايو اهو ادب ۽ احترام نہ ڪرڻ جي ڪري ئي وڃايو. (تعليم المتعلم طريق التعلم،ص۴۲) شايد اهو ئي سبب آهي تہ هي ڳالهہ مشهور آهي تہ ”با ادب بانصيب بي ادب بي نصيب“ اڄو اڄ ادب جي ضرورت ۽ اهميت ۽ ان جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا.جيئن

## مبارڪ نالي جو ادب ڪرڻ سان وڏو رتبو حاصل ٿيو

سلسله عالِيه نَقشبَندِيہ جي عظيم پيشوا حضرتِ سيدُنا مُجدِّد اَلفِ ثاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هڪ ڏينهن عام بيت الخلاء (Toilet) ۾ مٽيءَ جو وڏو پيالو ملاحظہ فرمايو، غور سان ڏٺائون تہ بيتاب ٿي ويا ڇو تہ ان پيالي تي لفظ **الله** اُڪريل هيو! جلدي پيالو ڪنيائون ۽ خادم کان پاڻيءَ جو لوٽو گهرائي پنهنجي هٿ مبارڪ سان خوب مهٽي ڪري چڱيءَ طرح ڌوئي ان کي پاڪ ڪيائون، پوءِ هڪ اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهي ادب سان مٿانهين جڳهہ تي رکي ڇڏيائون. هڪ ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان کيس الهام (يعني الله تعاليٰ جي طرفان اها ڳالهہ سندن دل ۾ وڌي وئي) فرمايو ويو، ”جهڙي طرح تو منهنجي نالي جي تعظيم ڪئي، مان بہ دنيا ۽ آخرت ۾ تنهنجو نالو بلند ڪريان ٿو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائيندا هئا، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي مبارڪ جو ادب ڪرڻ سان مون کي اهو مقام حاصل ٿيو، جيڪو سؤ سالن جي عبادت ۽ رياضت سان بہ حاصل نہ ٿي ٿي سگهيو! (حضرات القدس، مکاشفہ،۳۵، جزء، ۲، ص،۱۱۳)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ حضرتِ سيدُنا مُجدِّدِ اَلفِ ثاني رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي رب تعاليٰ جي نالي جو ادب ڪرڻ جي برڪت سان ڪيڏو عظيم مقام حاصل ٿيو جو پاڻ خود فرمائيندا هئا، ”مون کي اهو مقام حاصل ٿيو، جيڪو سؤ سالن جي عبادت ۽ رياضت سان بہ حاصل نہ ٿي ٿي سگھيو!“ اسان کي بہ گھرجي تہ بالعموم هر قسم جي تحريرجو ادب ڪريون ۽ خاص ڪري جيڪڏهن ڪٿي الله عَزَّوَجَلَّ جو مبارڪ نالو يا ڪنهن بہ مقدس هستي يا شيء جونالو زمين تي يا ڪنهن نامُناسب جڳھ تي ڏسون تہ ان کي ڪٽي صاف ڪريون ۽ نهايت ادب سان ڪنهن مٿانهين هنڌ تي رکون بلڪ ٿي سگھي تہ پنهنجي گھر، مدارس ۽ جامعات ۾ ڪا اهڙي جڳھ مُقرَّر ڪريون جتي مُقدَّس اَوراق ۽ پراڻا صفحات (Worn-out) هئڻ جي صورت ۾ گڏ ڪري سگھجن ۽ وقت بوقت انهن کي دفن ڪرڻ يا سمنڊ ۾ ٿڌي ڪرڻ جو مناسب بندو بست بہ ڪيو وڃي.

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ فضيلت نشان آهي: جيڪو زمين تان اهڙو ڪاغذ ڪٽي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالن مان ڪو نالو هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان (ڪٽڻ واري) جو نالو (روحن جي سڀ کان اعليٰ مقام) عِلِّيين ۾ بلند فرمائيندو. (مجمع الزوائد، كتاب البيوع،باب اللقطہ، ۳۰۰/۴، حديث:۶۸۴۶) لهٰذا هر مُقدَّس تحرير، ڪاغذ ۽ اخبارن جو ادب ڪريو ۽ انهن جي بي ادبي کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو. اَفسوس! صد ڪروڙ اَفسوس! اڄڪلھ اَخبار ۽ ٻين لڪائي وارن ڪاغذن سان گڏوگڏ مُقدَّس جملن وارا ڪاغذ بہ هر هنڌ روڊن تي وڪريل نظر ايندا آهن. ۽ هي اَلَمناڪ داستان انهيءَ تي ختم ناهي ٿي بلڪ اهي اَخبار ۽ مقدس تحريرون بي اَدبين جي مختلف مرحلن مثال طور گھر جي ڪچرا دان (Dustbin)، گھٽي پاڙي ۾ ماڻهن جي پيرن ۾ اچڻ کان پوءِ طرح طرح جي آلودگين ،گندي نالين يا ڪچري جي حوالي ٿيندا آهن، جڏهن تہ مقدس تحرير سان گڏوگڏ تمام اکرن جو ادب واحترام ڪرڻ گھرجي.

صَدرُالشَّرِيعہ، بَدرُالطَّرِيقہ حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: بستري يا مصلي تي ڪجهه لکيل هجي ته ان کي استعمال ڪرڻ ناجائز آهي هيءَ عبارت ان جي بناوٽ ۾ هجي يا پرت سان پريل هجي يا مس سان لکيل هجي جيتوڻيڪ جو حُرُوفِ مُفرَدَه (يعني جُدا جُدا حُرُوف) لکيل هجن ڇوته حُرُوفِ مُفرَدَه (يعني الف، باء، تاء، ثاء وغيره اڪيلن حروفن) جو به احترام آهي. اڪثر دسترخوان (Dining mats) تي عبارت لکيل هوندي آهي اهڙي دسترخوان کي استعمال ۾ آڻڻ ۽ ان تي کاڌو نه کائڻ گهرجي. ڪجهه ماڻهن جي وهاڻن (Pillows) تي اشعار لکيل هوندا آهن انهن کي به استعمال نه ڪيو وڃي. (بهارِ شريعت،حصه۱۶، ۴۲۰/۳)

## تحرير جي ادب بابت امير اهلسنت جي سوچ

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تحرير جي ادب جو ذهن ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: اهڙا پائيدان (Door mats) به دروازي جي ٻاهر نه رکيا وڃن جنهن تي حُرُوفِ تَهجِّي ۾ ڪجهه لکيل هجي. اهڙي طرح چَپّل تي جيڪڏهن ڪمپني وغيره جو نالو لکيل هجي ته اِستِعمال کان اڳ ۾ ان کي مٽايو وڃي، ائين ئي مُصَلّا، پلاسٽڪ جي چٽائي، لِحاف ۽ توليي وغيره تي به عَرَبي حُرُوفِ تَهجِّي ۾ ڪمپني جي نالي جي چِٽ لڳل هجي ته اهڙي چِٽ به جُدا ڪري ڇڏي ڪئي وڃي. چادرون، قالين، ڊيڪوريشن جون دَريون، وهاڻو يا گاديلي ايتري تائين جو جنهن شيءِ تي به ويهڻ يا پير رکڻ جي ضَرورت پوندي هجي ان تي ڪجهه نه لکيو وڃي، نه ئي لکيل چِٽ سِلائي ڪئي وڃي. (مدنی مذاکره،قسط ۲،مقدس تحريرات کےآداب کے بارے ميں سوال جواب،ص، ۴) تنهنڪري جيڪڏهن اوهان به ڪٿي ڪجهه لکيل ڏسو، ان جو اَدَب ڪندي ان شيءِ تي نه ويهو، نه پير رکو ۽ بي اَدَبي جو اَنديشو هجي ته انهن شين جي اِستِعمال ئي کان پاسو ڪريو، يا وري ڪنهن ترڪيب سان ان لکيل ٽڪر کي جدا ڪري تعظيم واري هنڌ تي رکي ڇڏيو. توڙي جو هي سڀ ڪجهه ٻڌڻ گهڻو آسان ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهڻو مشڪل ڪم آهي پر جيڪڏهن اسان تحريرات ۽ مُقدّس اوراق جي اَدَب جي باري ۾ پنهنجي

www.dawateislami.net

اسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جا احوال ٻڌون ته اسان کي عمل ڪرڻ جو جذبو ملندو ۽ ان ادب جون خوب برڪتون به نصيب ٿينديون. اچو ان باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ملاحظه فرمايو:

## الله جي نالي جو ادب ڪرڻ سان گنهگار ولي بڻجي ويو

حضرتِ سيدُنا بشرحافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه توبهه کان پهريان تمام وڏا شرابي هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڀيري نشي ۾ ڏُت ٿي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، ته رستي ۾ هڪ ڪاغذ تي سندن نظر پئي جنهن تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هئي. پاڻ تعظيم خاطر کنيائون ۽ عطر خريد ڪري معطر (Fragrant) ڪيائون پوءِ ان کي هڪ مٿانهين جاءِ تي ادب سان رکي ڇڏيائون. انهيءَ رات هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خواب ۾ ٻُڌو ته ڪو چئي رهيو آهي، "وڃو! بِشر کي چئي ڇڏيو ته تو منهنجي نالي کي معطر ڪيو، ان جي تعظيم ڪئي ۽ ان کي بلند جاءِ تي رکيو، اسان به توکي پاڪ ڪنداسين." ان بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه دل ۾ سوچيو ته بِشر ته شرابي آهي. شايد مون کي خواب ۾ غلط فهمي ٿي آهي، پوءِ انهن وضو ڪيو، نفل پڙهيا ۽ وري سمهي پيا. ٻئي ۽ ٽئين ڀيري به اهو ئي خواب ڏٺائون ۽ هي به ٻُڌائون ته "اسان جو هي پيغام بِشر جي ئي طرف آهي، وڃو! انهن کي منهنجو پيغام پهچايو!" پوءِ اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت بِشر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تلاش ۾ نڪري پيا. انهن کي خبر پئي ته هُو شراب جي محفل ۾ آهن سو اتي پهچي بِشر کي آواز ڏنائون. ماڻهن ٻُڌايو ته هُو نشي ۾ بد مست آهن! انهن چيو، ڪين وڃي ڪهڙي طرح به ٻُڌايو ته هڪ ماڻهو اوهان جي لاءِ ڪو پيغام آندو آهي ۽ اهو ٻاهر بيٺو آهي. ڪنهن وڃي ڪري اندر خبر ڏني. حضرت سيدُنا بِشرحافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو، ان کان پُڇو ته ڪنهن جو پيغام (Message) آندو آهي؟ دريافت ڪرڻ تي اهي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائڻ لڳا، **الله** عَزَّ وَجَلَّ جو پيغام آندو اٿن. جڏهن سندن کي هيءَ ڳالهه ٻُڌائي وئي ته جهومي اٿيا ۽يڪدم پيرين اگهاڙي ٻاهر تشريف ڪٽي آيا پيغامِ حَق ٻُڌي ڪري سچيءَ دل سان توبهه ڪيائون۽ان بلند مقام تي وڃي پهتا جو مشاهدهءِ حَق جي غلبي جي شدت کان

www.dawateislami.net

پيرين اگهاڙي(Barefoot)رهڻ لڳا. انهيءَ لاءِ سندن کي حافي (يعني پيرين اگهاڙي رهڻ وارا) جي لقب سان مشهور ٿيا. (تذكرة الاولياء،جزء۱، ص، ۱۰۶،بتغير قليل)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو ته الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو لکيل ڪاغذ جو اَدَب ۽ احترام ڪرڻ جو رب عَزَّوَجَلَّ ڪهڙو انعام ۽ اڪرام عطا ڪيو جو سخت گنهگار ۽ شرابي شخص کي پنهنجو ولي بڻايو، ۽ پاڻ کي دنيا ۾ اهو بلند مقام عطا فرمايو جو جيستائين پاڻ زنده رهيا جانور به سندن ادب جي ڪري واٽ ۾ ڇيڻا نه لاهيندا هئا، جيئن ته منقول آهي: سيّدُنا بِشر حافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هميشه پيرين اگهاڙي گهمندا هئا ۽ جيستائين بغداد شريف ۾ پاڻ حيات رهيا، ڪنهن جانور رستي ۾ڇيڻو نه لاٿو ۽اهو صرف هن حرمت ۽ ادب کي سامهون رکندي ته حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هتي پيرين اگهاڙي گهمندا آهن. هڪ ڏينهن هڪ جانور رستي ۾ڇيڻو لاٿو ته ان جو مالڪ هيءَ ڳالهه ڏسي گهبرائجي ويو، جو شايد حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو انتقال ٿي ويو آهي، نه ته هي جانور رستي ۾ ڪڏهن به ڇيڻو نه لاهي ها. پوءِ ٿوري دير کان بعد ان ٻُڌي ورتو ته حضرتِ سيّدُنا بِشر حافي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو وصال ٿي ويو آهي. (فضائل دعا،ص ۲۵۶، ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو ادب ۽ احترام

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! الله عَزَّوَجَلَّ کان بعد تمام مخلوق ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام افضل ۽ اعليٰ آهن، انهن جي تعظيم وتوقير ۽ ادب ۽ احترام ضروري آهي ۽ انهن جي شان ۾ ادنيٰ توهين يعني گستاخي ۽ بي ادبي ڪفر آهي. جيئن ته صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن نبي جي ادنيٰ توهين يا تڪذيب ڪفر آهي. (بهارِ شريعت، حصه۱،۱/۴۷) انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي شان ۾بي ادبي ذِلّت ۽ رُسوائي ۽ تمام

نيڪ عملن جي بربادي جو سبب آهي جيئن تہ شيطان جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرت سَيِدُنا آدم عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بي ادبي ڪئي تہ ملعون ٿي بارگاهِ الٰهي مان ڪڍيو ويو جڏهن تہ اڳ ۾ هو سرڪش ۽ نافرمان نہ هو بلڪ هزارين سالن کان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول هو، جِنّ هئڻ جي باوجود پنهنجي عبادت ۽ رِياضت ۽ عِلميت جي سبب مُعَلِّمُ المَلَڪوت يعني ملائڪن جو اُستاد هو ۽ ايتري قدر مقرَّب هو جو بارگاهِ خداوندي ۾ ملائڪن سان گڏ حاضر ٿيندو هو. پر حڪمِ الٰهي جي نافرماني ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي جي بي ادبي سان ان جي سالن جون عبادتون ضائع ٿي ويون، ذِلّت ۽ رُسوائي ان جو مقدّر بڻجي، هميشہ هميشہ جي لاءِ لعنت جو طوق ان جي ڳچي ۾ پئجي ويو ۽ هو جهنَّم جي دائمي (يعني هميشہ هميشہ جي) عذاب جو حقدار ٿيو. تنهنڪري اسان ڪي بہ شيطان جي ان عبرتناڪ انجام کان ڊڄندي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي شان ۾ گُستاخي ڪرڻ ۽ گُستاخن جي صحبت اختيار ڪرڻ کان پري رهڻ گهرجي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ذات ڪي واجبُ الاحترام سمجهڻ گهرجي ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ نبين جي شان ۾ گُستاخي ۽ بي ادبي شيطان جو طريقو آهي، هر هڪ ڪي ان کان بچڻ گهرجي.

قرآنِ ڪريم ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ڪئي جڳهن تي نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو ادب ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو ۽ ان حڪم جي تعميل ڪرڻ وارن ڪي گناهن جي معافي ۽ جنت ۾ داخلي جي بشارت ڏنائي آهي. جيئن سيپارو 6سُوْرَةُ مائِدَه جي آيت نمبر12 ۾ اِرْشاد آهي:

وَاٰمَنْتُمْ بِرُسُلِيْ وَعَزَّرْتُمُوْهُمْ وَاَقْرَضْتُمُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَ لَاُدْخِلَنَّكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

تَرجَمو ڪنز الايمان: ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ انهن جي تعظيم ڪريو ۽ الله ڪي قرضِ حسنہ ڏيو تہ بي شڪ مان توهان جا گُناهہ لاهي ڇڏيندس ۽ ضَرور توهان ڪي باغن ۾ وٺي ويندس جن جي هيٺان نهرون جاري آهن.

انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جي محبت و عقيدت ۾ انهن جو ادب واحترام جتي ايمان وارن جي ايمان جي نشاني آهي ۾ انهن جي گناهن جي معافي جو ذريعو آهي اتي ڪئي بي ايمانن کي ايمان جي دولت ملڻ جو بہ ذريعو آهي.

## ادب جي برڪت سان ايمان نصيب ٿيو

حضرتِ سَيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان فرعون کي ايمان جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ ويا تہ فرعون اوهان جي معجزن کي ڏسي پاڻ عَلَيه السَّلَام تي ايمان آڻڻ جي بدران سندن مقابلي جي لاءِ پنهنجي سلطنت (State) جي جادوگرن کي گڏ ڪيو. جڏهن مقابلي جو وقت ٿيو تہ انهن جادوگرن (Magicians) حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيه السَّلَام کي چيائون، اي موسيٰ! يا تہ اوهان پنهجي لٺ اڇليو يا اسان پنهنجي جادوءَ جي لنين ۾ رسين کي اڇلايون، انهن جو اهو چوڻ حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيه السَّلَام جي ادب جي لاءِ هو تہ هو سندن جي اجازت بغير پنهنجي عمل ۾ مشغول نہ ٿيا. حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيه السَّلَام فرمايائون: توهان پهريان اڇلايو. جڏهن انهن پنهنجو سامان اڇلايو، جنهن ۾ وڏا وڏا رسّا ۾ لنيون هيون اهي سپ ازدها (هڪ قسم جا وڏا نانگ) نظر اچڻ لڳا ۾ ميدان انهن سان پرجي ويل معلوم ٿيڻ لڳو، پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَامپنهنجو عصو (Staff) اڇلايوتہ هو هڪ عظيمُ الشّان ازدهو (هڪ قسم جو وڏو نانگ) بڻجي ويو ۾ جادوگرن جي سحر ڪارين کي هڪ هڪ ڪري ڳهي ويو پوءِ جڏهن موسيٰ عَلَيه السَّلَام ان کي دستِ مبارڪ ۾ ڪنيو تہ هو پهريان وانگر عصا بڻجي ويو. هي معجزو ڏسي انهن جادوگرن تي اهڙو اثر ٿيو جو اهي بي اختيار اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعَالَمِيْنَ يعني اسان تمام جهانن جي ربّ تي ايمان آندو“ چوندي سجدي ۾ ڪري پيا. جادوگرن حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام جو ادب ڪيو جو پاڻ کي مقدم ڪيائون ۾ سندن اجازت جي بغير پنهنجي عمل ۾ مشغول نہ ٿيا، ان ادب جو عوض انهن کي اهو مليو جو الله تعاليٰ انهن کي ايمان ۾ هدايت جي دولت سان سرفراز ڪيو. (صراط الجنان ،۴۰۳/۳ تا ۴۰۴، ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو تہ حضرت سيدنا مُوسٰي عَلَيه السَّلَام جو

ادب ڪرڻ جي برڪت سان بي ايمان جادوگرن کي ايمان جي دولت نصيب ٿي. ٿورو غور ڪريو! جيڪو نبين جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ادب ۽ احترام ڪري، ان تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ڪيتري قدر فضل ۽ ڪرم ٿيندو. اچو! هن باري ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ نالي جي ادب ۽ احترام ۽ ان تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ انعام جي باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو:

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "الله والوں کی باتیں" ۾ آهي: حضرت سَيِدُنا وهب بن مُنَبِّہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ بني اسرائيل ۾ (مَسطَح نالي) هڪ ماڻهو هو جيڪو 200 سالن تائين **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو رهيو. جڏهن اهو مري ويو تہ ماڻهن ان کي ٽنگن مان گهيلي گندگي جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو، **الله** عَزَّوَجَلَّ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام ڏانهن وحي (Revelation) فرمائي تہ وڃو ان جي جنازي نماز اَدَا ڪيو، پاڻ عَلَيه السَّلام عرض ڪيو: يا **الله** عَزَّوَجَلَّ ! بني اسرائيل چون ٿا تہ هو 200 سالن تائين تنهنجي نافرماني ڪندو رهيو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: هو ائين ئي هو پر اهو جڏهن بہ تورات کوليندو هو ۽ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نالي کي ڏسندو هو تہ ان کي چمي اکين سان لائيندو هو ۽ اُن تي دُرود پڙهندو هو، پوءِ مون ان جو هي عمل قبول ڪري اُن جا گُناهہ مُعاف ڪري ڇڏيا آهن ۽ 70 جنّتي حورن سان ان جو نڪاح ڪري ڇڏيو آهي.
(حليةُ الاولياء، وہب بن منبہ، ۴/۴۵، حديث :۴۶۹۵)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ بني اسرائيل جي هڪ گنهگار شخص جي صرف ان ڪري بخشش ۽ مغفرت ٿي وئي جو جڏهن بہ هو توريت شريف ۾ نامِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسندو هو تہ اکين سان لائيندو هو، چمندو هو ۽ درودِپاڪ پڙهندو هو. تہ پوءِ اُمَّتِ مُحَمَّدِيہ مان جيڪڏهن ڪو پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نہ صرف نالي بلڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذات ۽ پاڻ سان نِسبَت رکڻ واري هر شيءِ جي تَعظيم کي لازِم ۽ ضروري سمجهي تہ پوءِ ان تي رَحمتِ خُداوَندي جي ڪهڙي نہ ڇماڇم برسات ٿيندي. ۽ پوءِ هيءَ تہ اها عظيم بارگاهہ آهي جنهن جي ادب ۽ احترام جو حڪم

خود الله عَزَّوَجَلَّ ڏنو آهي، ارشادِ خداوندي آهي:

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ (پ۹،الاعراف:۱۵۷)

**تَرجَمو كنز الايمان:** پوءِ جيڪي ان تي ايمان آڻين ۽ سندن تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نُور جي پيروي ڪن جيڪوان سان گڏ نازل ٿيو اُهي ئي با مُراد آهن.

اهڙي طرح هڪ ٻي جڳهه تي الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي سَيدُالاَنبياء محمدِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه جا آداب سڪاريندي اُنهن کي ان بلند بارگاهه ۾ عاميانہ انداز (Common conduct) اختيار ڪرڻ جي مُمانعت ڪئي آهي. جيئن سيپارو 18، سُوْرَةُ النُّوْر جي آيت نمبر 63 ۾ اِرشاد آهي:

لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ (سيپاري:۱۸، النور:۶۳)

ترجمو كنزالايمان: رسول جي سڏڻ کي پاڻ ۾ ايئن نہ ٺاهيو جيئن توهان مان هڪڙو ٻي کي سڏي ٿو.

صَدرُالاَفاضِل، حضرتِ علامہ مولانا سَيد مُفتي محمد نعيمُ الدِّين مُرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (ان آيت جي) هڪ معنيٰ مُفسّرن هي بہ بيان فرمائي آهي تہ (جڏهن ڪو) رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سَڏ ڪري تہ اَدَب ۽ تڪريم ۽ تَوَقِير ۽ تعظيم سان گڏ سندن جي مُبارڪ لَقبن سان نرم آواز سان نوڙت ۽ عاجزي واري لهجي ۾ "يَانَبِيَّ الله! يَارَسُوْلَ الله! يَاحَبِيْبَ الله!" چوندي پڪاري. (تفسير خزائن العرفان، پاره:۱۸، سورة النور: تحت الآية :۶۳ بتغير قليل) اِمامُ المُفسرين، حضرتِ سَيدُنا عَبْدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه اِرشاد فرمائن ٿا: پهريان حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي يَا مُحَمَّدُ، يَا اَبَالْقَاسِم چيو ويندو هو، جڏهن الله تَعَالٰي پنهنجي نبي جي تعظيم کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ عام انداز ۾ انهن کي پڪارڻ کان منع فرمائي ڇڏيو تہ، تہ صحابہء ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) يَانَبِيَّ الله ، يَارَسُوْلَ الله چوندا هئا. (دلائل النبوة لابى نعيم ، الفصل الاول ،الجزء الاول ص۱۹)

www.dawateislami.net

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ڪريو! حُضُورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي تعظيم جو مُعامَلو ڪيتري قدر اَهم آهي جو الله** عَزَّوَجَلَّ **کي هي ڳالهہ بہ ناپسند آهي تہ ڪو منهنجي حبيب** (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **کي نالو وٺي ڪري مُخاطَب ڪري. فتاويٰ رضويہ ۾ آهي: عُلماء تصريح** (وضاحت) **فرمائن ٿا: حُضُورِ اَقْدس** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو نالو وٺي ڪري نِدا ڪرڻ حَرام آهي.** (فتاویٰ رضويہ ۱۵۷/۳۰) **ياد رهي! حُضُور** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي تعظيم صِرف حياتِ ظاهري تائين مَحْدُود نہ هئي بلڪ رهندڙ دنيا تائين اچڻ واري هر مُسلمان تي توهان جي شان ۽ عظمت کي تسليم ڪرڻ لازِم آهي.**

**حضرتِ علامہ اِسمعيل حقّي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: حُضُور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي ظاهري حَيات ۾ پڙدو فرمائڻ کان بعد** (يعني ظاهري وَفات کان پوءِ) **غَرَض هر حالت ۾ حُضُور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي تَعْظِيم ۽ تَوقير اُمَّت تي لازِم ۽ ضَروري آهي ڇو جو دِلين ۾ جيتري قدر حُضُور جي تعظيم وڌندي اوتري قدر ئي نُورِ ايمان ۾ اِضافو ٿيندو رهندو.** (تفسير روح البيان ،ج۷،ص۲۱۶)

خاک ہو کر عشق میں آرام سے سونا ملا　　جان کی اِکسیر ہے اُلفت رسولُ اللہ کی

(حدائقِ بخشش ،ص:۱۵۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عالم سڳورن جو ادب ۽ احترام

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! انبياء ڪرام** عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي علاوه عُلماءِ ڪرام جي ادب ۽ احترام جو بہ خوب لحاظ رکڻ گهرجي. ياد رکو! عالم نبين جا وارث آهن ڇوتہ اهي عالم سڳورا نبين سڳورن** عَلَيهِمُ السَّلَام **جي مِيراث يعني علمِ دين کي حاصل ڪن ٿا ۽ ان جي ذريعي ماڻهن جي رَهنُمائي ڪن ٿا. حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ زمين تي عُلَماء جي مثال انهن تارن وانگر آهي جنهن سان ڪائنات جي اونداهين ۾ رَهنُمائي حاصل ڪئي ويندي آهي.** (مسند امام احمد، مسند انس بن مالک، ۴/ ۳۱۴، حديث:۱۲۶۰۰) **پر بد قسمتي سان اڄڪلهہ شايد ڪنهن سوچيل سمجهيل**

**منصوبي** (Pre-planning) **تحت اُمّتِ محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي عالِم سڳورن** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام **کان پري پيو ڪيو وڃي، انهن جي مقام ۽ رتبي کي مُسلمانن جي دل ۽ دماغ مان ڪڍيو پيو وڃي آهي، انهن جي شان ۾ زبان درازي ڪئي پئي وڃي، انهن تي اعتراض ۽ طعن ۽ تنقيد ڪرڻ تي برغلايو پيو وڃي بلڪ هاڻي ته** مَعَاذَ الله **عالمن** عَزَّوَجَلَّ **جي توهين ۽ تحقير تائين نوبت اچي پهتي آهي جيڪا ايمان جي بربادي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هونءَ به علماءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام **جي گستاخي انهن جي فيض ۽ برڪت کان محرومي جو باعث آهي.**

## غور ڪرڻ جو مقام!

ٿوروسوچيو! سنجيدگي سان غور ڪريو!! ته جيڪي مقدس هستيون اسان کي قرآن ۽ حديث جي معنٰي ۽ مفهوم سمجهائن...نماز، روزي، حج، زڪوٰة وغيره عبادات جا طريقا سيکارين ...، هنن عبادتن ۾ غلطي ٿئي ته ان جو حل ٻڌائن...، ماءُ پيءُ جو ادب ۽ تعظيم ۽ رشتيدارن ۽ عام مسلمانن جا حق ٻڌائن...، اسان وٽ فوتگي ٿئي ته تجهيز ۽ تڪفين (Burial) جي مسئلن بابت اسان کي آگاهه ڪن ۽ مَيت جي ڇڏيل وراثت جي مال کي شَريعت مطابق وارثن ۾ تقسيم ڪرڻ بابت رَهنُمائي ڪن... زال مڙس ۾ اختلاف جي صورت ۾ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪرائن، اسان جون تجارتي ۽ ڪاروباري مسئلن جو حل ٻڌائن ۽ ان جي علاوه دِين ۽ دُنيا جي بي شمار مرحلن ۾ اسان سان گڏ خير خواهي ڪري اسان کي ذِلّتِ دُنيا ۽ عذابِ آخرت کان بچڻ جا طريقا ٻڌائن، اسان جا جنازا پڙهائن، ڇا انهن محسنن جو شڪريو ادا ڪرڻ ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ بدران انهن کي طنز ۽ تنقيد جو نشانو بڻائي پنهنجي آخرت داؤ تي لڳائڻ عقلمندي آهي؟ هرگز نه بلڪ اسان کي پنهنجي انهن محسنن جي شڪر گُذار، شرعي مسئلن ۾ انهن جي اطاعت گُذار هئڻ جي علاوه انهن جو ادَب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي.

**اسان جا بزرگانِ دِين** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن **عالم سڳورن جو بي حد احترام ڪندا هئا جيئن ته حضرت سيدُنا سفيان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جو بيان آهي ته حضرت سيدُنا**

www.dawateislami.net

عَمرو بن قيس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ جڏهن ڪو عالِمِ دين تشريف فرما ٿيندو هو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه گوڏن ڀر ويهي رهندا هئا. (الله والوں کی باتیں،۵/۱۳۱)

حضرت سَيدُنا علامہ اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ياد رکو! علماءِ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا وارث آهن ۽ انهن جا عُلوم انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي علوم کان حاصل ٿيل آهن تہ جهڙي طرح باعمل علماءِ ڪرام ڪَثَّرَهُمُ اللهُ تَعَالٰی، انبياءِ ۽ مُرسَلين عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اعمال ۽ علوم جا وارث آهن اهڙي طرح عالمن جو مذاق اڏارڻ وارا، مذاق اڏارڻ ۾ ابو جهل، عقبہ بن ابي معيط ۽ ان جهڙن ٻين ڪافرن جا وارث آهن. (روح البيان، الكهف، تحت الآية: ۱۰۶، ۵/۳۰۵)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عالم سڳورن جي ادب جي باري ۾ پنهنجي مريدن ۽ چاهيندڙن جي تمام گهڻي مدني تربيت ڪن ٿا، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عالمن جو مقام ۽ مرتبو بيان ڪندي ۽ انهن جي احترام جو ذهن ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: اسلام ۾ عُلَماءِ حق جي تمام گهڻي اهميت آهي ۽ اهي عِلمِ دِين جي ڪري عوام کان افضل هوندا آهن، غيرِ عالِم جي مقابلي ۾ عالِم ڪي عبادت جو ثواب بہ گهڻو ملندو آهي جيئن حضرت محمد بن علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان روايت آهي: عالِم جون بہ (2) رڪعتون غيرِ عالم جي سٿر (70) رَڪعَتن کان افضل آهن. (كنزالعمال، كتاب العلم ،قسم الاقوال،الباب الاول ،۱۰/۸۷، حديث:۲۸۷۸۲) تنهنڪري دعوتِ اسلامي سان تمام وابَستگان بلڪ هر مسلمان جي لاءِ ضروري آهي تہ هو عُلَماءِ اهلسنّت سان هرگز نہ اٽڪن، انهن جي ادب ۽ احترام ۾ ڪوتاهي نہ ڪن، علماءِ اهلسنّت جي تحقير سان بلڪل پاسو ڪن. بِلا اجازتِ شَرعي انهن جي ڪردار ۽ عمل تي تنقيد ڪري غيبت جو گناهِ ڪبيره حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم نہ ڪن. حضرت سيدُنا ابوالحفص ڪبير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن ڪنهن عالِم جي غيبت ڪئي تہ قِيامت جي ڏينهن ان جي چهري تي لکيل هوندو”هي الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت کان مايوس (Disappointed) آهي.“ (مكاشفة القلوب، الباب العشرون فى بيان الغيبة والنميمة ،ص۷۱) حضرت سيدُنا ابوذرّ غِفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي: عالِم زمين ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي دليل ۽ حُجَّت آهي تہ جنهن عالم مان عيب ڪڍيو

هو هلاڪ ٿي ويو. (ڪنزالعمال، كتاب العلم ،قسم الاقوال،الباب الاول،۷۷/۱۰ ، حديث:۲۸۶۶۹)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي علماء ڪرام جي ادب ۽ احترام نصيب فرمائي ۽ انهن جي بي ادبي جي آفت کان اسان کي بچائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪتاب "آدابِ دين" جو تعارف

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! پنهنجي دل ۾ ادب جو جذبو پيدا ڪرڻ ۽ آداب جي متعلق ديني معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪتاب "آدابِ دين" جو مطالعو تمام گهڻو فائديمند آهي، هن ڪتاب ۾ قرآن ۽ حديث کان ماخوذ اهڙا آداب بيان ڪيا ويا آهن جن تي عمل ڪري اسان پنهنجو زندگيون سنواري سگهون ٿيون. هن ڪتاب ۾ بارگاهِ خداوندي جي آداب، بيتُ الله شريف جي آداب، بارگاهِ رسالت ۽ مدينه طيبه جي آداب، کائڻ پيئڻ جا آداب، نماز جا آداب ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جا آداب وغيره تمام خوبصورت ۽ دلچسپ انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب جي مطالعي سان معلومات جا ڪوڙ سارا خزانه حاصل ٿيندا، تنهنڪري اڄ ئي مڪتبة المدينه تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪري ان جو مطالعو ڪرڻ جي نيت ڪريو ۽ ثواب جي نيت سان حسبِ توفيق ٻين اسلامي ڀينرن کي به تحفةً ڏيو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي ريڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (download) ۽ پرنٽ آئوٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم جو ادب ۽ احترام

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو هاڻي قرآنِ ڪريم جي ادب ۽ احترام جي باري ۾ ڪجهه مدني گل ٻڌون ٿا، توڙي هن پرفتن دور ۾ به مسلمانن جي دل ۾ قرآنِ ڪريم جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام آهي، پر ياد رهي ته صرف دل ۾ ئي قرآنِ ڪريم جو ادب هئڻ ڪافي نه بلڪ ان سان گڏوگڏ ظاهري آدابن کي ادا ڪرڻ به ضروري آهي. بدقسمتي سان علمِ دين کان دُوري (Distance)

جي ڪري هڪ وڏي تعداد ان جي ظاهري آدابن جو خيال رکڻ کان نہ صرف محروم آهي بلڪ اڻ واقف بہ آهي. جڏهن تہ هڪ مسلمان هئڻ جي ناطي اسان کي گهرجي تہ قرآنِ ڪريم جا آداب سکيون ۽ انهن جو لازمي خيال رکون تہ جيئن هن عظيم ڪتاب جي معمولي بہ بي ادبي نہ ٿي سگهي، ياد رکو! باادب ماڻهو دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي ڪامياب آهن، ڪهڙي خبر ادب جي ڪري اسان جي بگڙي بڻجي وڃي. جيئن تہ

## قرآن ڪريم جي ادب جي برڪت

دليلُ العارفين ۾ آهي: هڪ فاسِق نوجوان هو، جنهن جي بُرائين جي ڪري مسلمان ان سان نفرت ڪندا هئا ۽ ان کي گهڻو منع ڪندا هئا پر هو بڌوندو نہ هو. اَلغرض جڏهن ان جو اِنتقال ٿيو تہ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ مٿي تي تاج (Crown) رکي ملائڪن سان گڏ جنّت ۾ وڃي رهيو آهي، ان کان پڇيو ويو تہ تون تہ بدڪار هئين، هي دولت ڪٿان نصيب ٿي؟ جواب ڏنائين: دنيا ۾ مون کان هڪ نيڪي ٿي هئي اها هي جو جتان کان بہ قرآنِ پاڪ تي منهنجي نگاهہ پوندي هئي، بيهي تعظيم جي نظر سان ان کي ڏسندو هئس، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي ان جي بدولت بخشي ڇڏيو ۽ هي دَرجو عِنايت فرمايو. (دليل العارفين از هشت بهشت،مجلس۵، ص۹۲بتغير قليل)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! پنهنجي دلين ۾ قرآنِ مجيد جي عظمت پيدا ڪريو ۽ خوب خوب ان جو ادب ۽ احترام ڪريو، ٿي سگهي ٿو تہ اهو ئي عمل اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ قبول ٿي وڃي ۽ اسان جي مغفرت جو سبب بڻجي وڃي. اچو هاڻي قرآنِ ڪريم ۽ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جا ڪجهہ آداب ٻڌون ٿيون: ❀قرآنِ ڪريم جو سڀ کان وڏو ادب جيڪو هر مسلمان تي انتهائي واجب آهي اهو هي تہ طهارت ۽ پاڪي جي بغير (Without cleanliness & purity) ان کي هرگز هرگز نہ هٿ لڳائي. ❀ جيڪڏهن وُضُو نہ هجي تہ قرآن پاڪ کي ڇُهڻ لاءِ وُضو ڪرڻ فرض آهي. (نور الايضاح، ڪتاب الطهارة، فصل فی اوصاف الوضو،ص۵۹،مفهوما و ملتقطا) ❀ جيڪو بي وُضو(Without ablution) هجي اهو قرآنِ مجيد يا ان جي ڪنهن آيت کي ڇُهڻ حرام آهي. بي ڇُهڻ زباني يا ڏسي پڙهي تہ ڪو حَرَج

www.dawateislami.net

ناهي .❀ جنهن تي غسل فرض هجي ان جو مسجد وڃڻ، طواف ڪرڻ يا قرآن شريف کي ڇُهڻ، جيتوڻيڪ ان جي ساده حاشيي کي يا ان جي جلد يا ٻُجڪي کي ڇُهڻ يا بنا ڇُهڻ جي ڏسي يا زباني پڙهڻ يا ڪا آيت لکڻ يا آيت جو تعويذ لکڻ يا اهڙي تعويذ کي ڇُهڻ يا اهڙي مُندي کي ڇُهڻ يا پائڻ جيئن مُقَطَّعَات واري مندي وغيره حرام آهي.. (بهارِ شريعت،حصّہ٢ ،٣٢٦/١) ❀ جڏهن ٻہ قرآنِ ڪريم کي هٿ لڳائي يا ان جي تلاوت ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿئي تہ انتهائي ادب ۽ تعظيم سان چُمي ڏئي ۽ سِيني سان لڳائي برڪت حاصل ڪري، اميرالمُومنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ روزانو صبح جو قرآن پاڪ کي چمي ڏئي فرمائيندا هئا: ”هي منهنجي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ جو عهد ۽ ان جو ڪتاب آهي. (رد المحتار على الدرالمختارج ٩ ص٦٣٤، بتغيرقليل) ❀ مستحب هي آهي تہ باوُضُو،قبلي ڏانهن رخ ڪري، پاڪ صاف ڪپڙا پائي تِلاوت ڪري. (بهارِ شريعت،حصہ ١،١/٥٥٠) ❀ تلاوتِ قرآن جي لاءِ مسواڪ وغيره جي ذريعي چڱي نموني وات صاف ڪري جيئن تہ حضرت سَيدُنا علي المرتضي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه جن ارشاد فرمايو: بيشڪ توهان جا وات قرآنِ ڪريم جي لاءِ رستو آهن (يعني تلاوتِ قرآن جو ذريعو آهن) انهن کي مسواڪ جي ذريعي پاڪيزه ڪريو. ❀ تلاوت جي شروع ۾ اَعوذُ پڙهڻ مُستَحَب آهي ۽ سُورت جي ابتداء ۾ بِسۡمِ الله سنّت، نہ تہ مُسۡتَحَب. (بهارِ شريعت،حصہ٣،١/٥٥٠) ❀ ليٽي قرآن پڙهڻ ۾ حرج ناهي جڏهن تہ پير سميٽيل هجن ۽ منهن کليل هجي، اهڙي طرح هلندي ۽ ڪم ڪندي ٻہ تلاوت جائز آهي، جڏهن تہ ٻي ڌياني نہ ٿئي، نہ تہ مڪروه آهي. (صراط الجنان،١/٢٨) ❀ غسل خاني ۽ پليتي وارين جاين تي قرآن پاڪ پڙهڻ ناجائز آهي. (غنية المستملی، ص٤٩٦) ❀ قرآن شريف جي آدابن مان هي ٻہ آهي تہ ان جي طرف پٺ نہ ڪئي وڃي، نہ پير ڪيا وڃن، نہ پيرن کي قرآن کان مٿي ڪيو وڃي، نہ هي تہ پاڻ مٿانهين جاءِ تي هجو ۽ قرآن مجيد هيٺ هجي. (بهارِ شريعت،حصہ١٦،٣/٤٩٦) ❀قرآنِ ڪريم کي جُزدان ۾ غِلاف ۾ رکڻ ادب آهي. ❀صَحابہ ۽ تابِعين رِضۡوَانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِمۡ اَجۡمَعِين جي زماني کان ان تي مسلمانن جو عمل آهي. ❀ ڪنهن رڳو خيرو بَرَڪت جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ قرآنِ ڪريم رکيو

آهي ۽ تلاوت نٿو ڪري تہ گناھ نہ بلڪ ان جي اها نيت باعثِ ثواب آهي. (بہار شريعت،حصہ۱۶،۳/۴۹۵) ❀ ٿي سگهي تہ روزانو ان جي زيارت سان برڪت حاصل ڪري جو ان جي زيارت بہ عبادت آهي. جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: عبادت جو جيڪو حصو توهان جي اکين جي لاءِ آهي اهو اکين کي ڏيو. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جن عرض ڪيو: اکين جو عبادت ۾ ڪهڙو حصو آهي؟ فرمايائون: قرآنِ ڪريم ۾ نظر ڪرڻ، ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ ان جي عجائب مان عبرت حاصل ڪرڻ. (شعب الايمان،باب فی تعظيم القرآن، فصل فی قراءة من المصحف، ۴۰۸/۲،حديث: ۲۲۲۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄڪلھ بدقسمتي سان دِيني ڪتابن ۽ مقدّس تحريرن جي ادب جو جذبو گهٽ ٿيندو پيو وڃي، شايد ان جي وجہ هي آهي تہ اسان نيڪ صحبت اختيار ڪرڻ ۽ بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اجمعين جي نقشِ قدم تي هلڻ ڇڏي ڏنو آهي، اڄ بہ جيڪڏهن اسان سٺي صحبت اپنايون ۽ پنهنجي بزرگن جي ڪردار ۽ فرامين تي مضبوطي سان عمل ڪريون تہ يقيناً هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جو معاشرو آدابِ دِين جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو. اللّٰه وارن وٽ آداب ڪيتري قدر اهم ۽ ضروري آهن، اچو! هن باري ۾ پهرين شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرزِ عمل جي باري ۾ ملاحظہ فرمايو.

## ڪتابن جو ادب

زم زم نگر حيدرآباد (باب الاسلام سندھ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ 8 شَوَّالُ الْمُكَرَّم 1427 بمطابق پهرين اڪتوبر 2006 بروز اربع اشراق ۽ چاشت جي نفلن جي ادائيگي کان بعد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي نظر هڪ دِيني ڪتاب تي پئي جنهن تي ڪنهن "وائٽو" (whito، لفظ متائڻ وارو قلم) رکي ڇڏيو هو، پاڻ اٿي وڌي قلم ان ڪتاب تان هٽائيندي هي ارشاد فرمايو: دِيني ڪتاب تي ڪنهن شيءِ جو رکڻ ادب جي خلاف آهي، ان جو خيال رکڻ سعادت مندي آهي نہ تہ جيڪو ان ڏانهن ڌيان ناهي ڏيندو، ان جون بي احتياطيون وڌي

ويندي‌ون آهن. پوءِ فرمائڻ لڳا دعوتِ اسلامي جي قيام کان اڳ جي ڳالھ آھي، ڪم و بيش 27 سال اڳ ۾ مان هڪ صاحب سان ملاقات جي لاءِ پهتس دورانِ گفتگو انهن هٿ ۾ پڪڙيل احاديثِ مبارڪ جو مشهور ڪتاب مشڪواة شريف کي اهڙي طرح مٿان کان ميز (Table) تي رکيو جو ڪجھ "ڌمڪ" (Sound) پيدا ٿي، مون کي ان ڳالھ جو ايتري قدر صدمو ٿيو جو اڄ گهڻو عرصو گذرڻ جي باوُجود بہ جڏهن اهو واقعو ياد ايندو آهي تہ ان "ڌمڪ" جو صدمو مَحسوس ٿيندو آهي. (تذکره امير اہلسنت ،قسط ۴،ص۳۴) اهڙي طرح هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ ۱۴۲۰ھ ۾ مون کي چل مدينه يعني امير اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سان گڏ حج جي سعادت حاصل ٿي، هڪ ڏينهن مڪ مڪرمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيماً ۾ جتي اسان جو قِيام هو، بعدِ اشراق و چاشت امير اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اوچتو بيٺا ۽ سامهون رکيل هڪ دِيني ڪتاب جنهن تي برابر رکيل چادر جي ڪنڊ سرڪي آئي هئي ان کي هٽايائون ۽ ڪتاب ڪٽي اکين سان لڳايو، مٿي تي رکيو ۽ چُمي ادب سان ساڄي هنڌ واپس رکي ڇڏيائون. شرڪاءِ قافلہ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ادب ۽ عملي ترغيب جي هن دلنشين انداز سان بيحد متاثر ٿيا ۽ نيت ڪئي آئنده اسان بہ دِيني ڪتابن جي آداب جو خيال رکنداسين. (تذکره امير اہلسنت ،قسط ۴/۳۵)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "انفرادي ڪوشش"

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! سنتن تي عمل جو جذبو ماڻڻ ۽ پاڻ کي فرضن ۽واجبن سنتن ۽ مستحبن جو پابند ۽ ادب ۽تعظيم جو پيڪر بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ بہ وڌي ڪري حصو وٺو ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم انفرادي ڪوشش بہ آهي اوهان سيني اسلامي ڀينرن جي بارگاھ ۾ مدني التجا آهي تہ نئين نئين اسلامي ڀينرن تي انفرادي ڪوشش ڪندي هنن کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪيو معَلِّمہ مبَلّغہ مدرّسہ بڻائي ڪري دعوت اسلامي جو مدني ڪم وڌايو اهي اسلامي ڀينرونَ جيڪي پهريان

اينديون هيون هاڻي نہ ٿيون اچن خا ص طور تي انهن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي مدني ماحول سان ٻيهر وابستہ ڪيو شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمائن ٿا :دعوت اسلامي جو 99 فيصد مدني ڪم انفرادي ڪوشش سان ممڪن آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انفرادي ڪوشس جي برڪت سان ڪئي اسلامي ڀينرون دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي چڪيون آهن اچو توهان جي شوق کي وڌائڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش جي هڪ مدني بهار توهان جي آڏو پيش ڪريان ٿي جيئن تہ

## "عبادت جو ذوق ملي ويو"

باب المدينہ (ڪراچي) جي علاقي ڪورنگي ۾ رهائشي هڪ اسلامي ڀيڻ بدقسمت سان نمازن ۾ سستي جو شڪار هئي ۽ سني ماحول جي محرومي جي سبب بد اخلاقي جي مصيبت ۾ بہ گرفتار هئي ان جي زندگي ۾ مدني بهار هيئن آئي جو ان جي علاقي ۾ دعوت اسلامي سان وابستہ اسلامي ڀينرون رهنديون هيون جيڪي علاقي جي عورتن تي انفرادي ڪوشش ڪنديون هيون ۽ انهن کي مدني ماحول سان وابستہ ڪري قبر ۽ آخرت سوارڻ جو مدني ذهن ڏينديون هيون هڪ ڏينهن اُهي هِن وٽ تشريف ڪٺي آيون ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ لڳيون ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي آخرت جي تياري جو ذهن ٺاٺڻ لڳيون جيئن تہ انهن اسلامي ڀينرن جي هن دعوتِ فڪر سان ان دعوت اسلامي جي مدني قافلي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو مدني ماحول سان وابستہ باحيا اسلامي ڀينرن جي صحبت ڇا ملي ان جي ڪردار ۽ ڳالهائڻ ۾ تبديلي اچڻ لڳي دل ۾ عمل جو جذبو بيدار ٿيو وڌيڪ علم دين جا فضائل ٻڌائون تہ درس نظامي (عالم ڪورس ) ڪرڻ جو ذهن ٺجي ويُس جيئن تہ

انهن والدين کان اجازت ورتي ۽ بهارِ بغداد ۾ قائم دعوت اسلامي جي طرفان هلڻ واري جامعة المدينہ للبنات ۾ داخلا ورتائون ۽ محنت ۽ شوق سان علم دين حاصل ڪرڻ لڳيون جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ان جي عملي حالت بهتر کان

بهتر ٿيندي وئي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان بد اخلاقي ڪرڻ ان جو شوق هو پر هاڻي هر ڪنهن سان سٺي اخلاق کان پيش ايندي آهي ۽ نمازون بہ پابندي سان ادا ڪندي آهي.

## مسجدن جو ادب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄڪلهہ بدقسمتي سان جتي برگزيده هستين، مُقدّس شين ۽ بابرڪت هنڌن جي ادب ۽ احترام ڏانهن اسان جو توجهہ گهٽ ٿيو آهي، اتي مسجد جي ادب ۽ تقدّس ۾ بہ تمام گهڻي ڪمي آئي آهي حالانڪہ مسجد جي معاملي ۾ هر مسلمان کي اها ڳالهہ پيشِ نظر رکڻ گهرجي تہ مسجد بادشاهِ حقيقي عَزَّوَجَلَّ جو دربار آهي، تنهنڪري مسجد جو ادب ۽ احترام دُنيا جي وڏي کان وڏي بادشاهہ جي دربار کان بہ گهڻو هئڻ گهرجي، پر بدقسمتي سان اڄڪلهہ مسجدن ۾ دُنيوي ڳالهيون ڪرڻ عام آهن، افسوس! علمِ دِين کان دُوري ۽ فڪرِ آخرت کان محرومي جي ڪري مسجد ۾ ويهي انتهائي بيباڪي ۽ غير سنجيدگي سان نہ صرف دُنيوي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن بلڪ ڄاڻ اڻڄاڻ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا ڪم ڪيا ويندا آهن جيڪي مسجد جي آداب جي خلاف آهن، جڏهن تہ مسجد جي آداب کي نظر انداز ڪرڻ ۽ ذِڪر و اذڪار وغيره نيڪ ڪمن جي بدران ان جي بي حُرمتي ڪرڻ يا ان ۾ ويهي دُنيوي ڳالهيون ڪرڻ دُنيا ۽ آخرت جي بربادي، الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي ۽ ان جي فضل و ڪرم سان محرومي جو سبب آهي. جيئن تہ

## مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون ٿينديون

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جي سورهين (16) جلد ۾ هڪ روايت نقل ڪندي فرمائن ٿا: روايت ۾ اچي ٿو تہ هڪ مسجد پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ شڪايت ڪرڻ وئي تہ ماڻهو مون ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن. ملائڪ ان کي ايندي مليا ۽ چوڻ لڳا اسين انهن (مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ وارن) کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آهيون. (فتاوىٰ رضويہ ،١٦/ ٣١٢ بتغير قليل)

اهڙي طرح نبين جي سُلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو مسجد ۾ دنيوي ڳالهيون ٽينديون توهان انهن سان گڏ نہ ويهو جو الله عَزَّوَجَلَّ کي انهن سان ڪو ڪم ناهي. (شعب الايمان، باب فی الصلوات، فصل المشی الی المساجد،٨٦/٣، حديث:٢٩٦٢)

مشهور مفسّرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن تي ڪرم نہ ڪندو، نہ تہ ربّ کي ڪنهن ٻانهي جي ڪا ضرورت ناهي، اهو ضرورتن کان پاڪ آهي. (مِرأةالمناجيح،٤٥٧/١)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڏٺو اوهان تہ مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ وارا ڪيترا بد نصيب آهن جو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻين کي انهن جي هم نشيني ۽ صحبت اختيار ڪرڻ کان منع ڪيو. اهو ئي سبب آهي تہ اسان جا اڪابر ۽ بزرگانِ دِين رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْهِمْ اَجْمَعِین پاڻ بہ آدابِ مسجد جو گهڻو خيال رکندا هئا ۽ ٻين جي بہ ان باري ۾ مدني تربيت ڪندا هئا. جيئن تہ

## مسجد ۾ آواز بلند ڪرڻ وارن جي مدني تربيت

هڪ ڀيرو حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ مسجد جي ادب جي متعلق ٻن ماڻهن جي مدني تربيت فرمائي. جيئن حضرت سَيدُناسائب بن يزيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ مان مسجد ۾ بيٺل هئس تہ ڪنهن مون کي پٿري هنئي. مون ڏٺو تہ اهي حضرتِ سيّدُنا امير المُؤمنين عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هئا. پاڻ (بلند آواز سان مسجد ۾ ڳالهيون ڪندڙن ڏانهن اشارو ڪندي) مون کي فرمايو: ”وڃ ۽ انهن ٻنهن کي مون وٽ وٺي اچو!“. مان انهن ٻنهن کي وٺي حاضرِ خدمت ٿيس. امير المومنين حضرتِ سيّدُنا عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن کان پڇا فرمايو، ” توهان ڪهڙي شهر سان تعلق رکو ٿا ؟ عرض ڪيائون: اسان طائف جا رهڻ وارا آهيون. امير المومنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون، جيڪڏهن توهان مدينهءِ منوره جا رهڻ وارا هجو ها تہ مان توهان کي ضرور سزا ڏيان ها. توهان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسجد ۾ پنهنجو آواز بلند ٿا ڪريو. (بخاری،کتاب الصلٰوۃ،باب رفع الصوت فی المساجد، ١٧٨/١،حديث: ٤٧٠)

www.dawateislami.net

مشهور مفسّرِ قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن حديث جي تحت فرمائن ٿا تہ اهي حضرات دنيوي ڳالهيون وڏي آواز سان ڪري رهيا هئا، نہ تہ مسجد ۾ درس، تدريس، ذڪرُ الله (ﷻ) نعت شريف وغيره بلند آواز سان ڪري سگهو ٿا،جڏهن تہ نمازين کي تڪليف نہ ٿئي. (مراۃالمناجیح،۱/۴۵٦)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي محارم ۽ ٻارن کي هر ان ڪم کان بچڻ جي ترغيب ڏياريون جيڪي آدابِ مسجد جي خلاف هجن ۽ جن ڪمن سان مسجد جو تقدس پامال ٿيندو هجي، ياد رکو! مسجد جي اندر ڀڄڻ، زور زور سان نچ ڏيڻ، کهنگڻ يا اوڳرائي ڏيڻ، بِلا ضرورت اوٻاسي ڏيڻ ۽ ان جو آواز بلند ڪرڻ ۽ بغير نيتِ اعتڪاف کائڻ، پيئڻ سمهڻ وغيره کان مسجد جو تقدُّس پائمال ٿيندو آهي بلڪ انهن مان ڪي ڪم ناجائز ۽ حرام بہ آهن.

اچو! مسجد جي ادب ۽ احترام جو جذبہ پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 568 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" مان مسجد جا 4 آداب ٻڌون.

## مسجد جا آداب

﴿1﴾ گهڻين مسجدن ۾ دستور آهي تہ رمضان شريف ۾ ماڻهو نمازين لاءِ افطاري موڪليندا آهن. اهي بنا نيّت اعتڪاف جي اتي بي تڪلف ٿي کائيندا، پيئندا ۽ فرش خراب ڪندا آهن، اهو ناجائز آهي.

﴿2﴾ وضو ڪرڻ کان پوءِ وضو وارن عضون مان پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ مسجد جي فرش تي نہ ڪري.

﴿3﴾ مسجد ۾ جيڪڏهن نِچ اچي تہ ڪوشش ڪريو آواز آهستي نڪري اهڙيءَ طرح کنگهہ. (حديث ۾ آهي:) اَنَّ رَسُوۡلَ اللّٰهِ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ کَانَ يَکۡرَهُ الۡعَطۡسَةَ الشَّدِيۡدَةَ فِی الۡمَسۡجِدِ الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ زور سان نِچ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. (شعب الایمان،باب فی تشمیت العاطس،فصل فی خفض الصوت بالعطاس،۷/۳۲، حدیث۹۳۵٦)

﴿4﴾ مسجد ۾ دنيا جي ڪا ڳالھ نہ ڪئي وڃي. باقي! جيڪڏهن ڪا ديني ڳالھ

ڪنهن سان ڪرٽي هجي ته ويجهو وڃي آهستي چوڻ گهرجي، هيئن نه ٿئي جو هڪ صاحب مسجد جي اندران، ٻاهرين ماڻهن سان بيهي وڏي آواز سان ڳالهائي يا ڪو ٻاهران ان کي سڏي ۽ هي ان جو ڏاڍيان جواب ڏئي.

## اوراقِ مقدس جو تحفظ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ادب جو صرف درس ئي ناهي ڏنو ويندو بلڪ ان جي لاءِ عملي طور تي جدّوجهد به ڪئي ويندي آهي، جنهن جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو ته دعوتِ اسلامي جتي سُنّتن جي خدمت جي ڪم و پيش 104 شعبن ۾ مصروفِ عمل آهي، اتي اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو هڪ باقاعده شعبو "مجلسِ تَحَفُّظِ اَوراقِ مُقَدَّسَہ" به آهي. هن مجلس جو بنيادي مقصد مقدس اوراق جو تحفظ ڪرڻ ۽ انهن جو تقدس پامال نه ٿيڻ ۽ انهن کي بي ادبين کان بچائڻ آهي، انهيءَ عظيم جذبي جي تحت مجلس تَحَفُّظِ اَوراقِ مُقَدَّسَہ جا اسلامي ڀائر مختلف شعبہ هاءِ زندگي سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن (عالمن، امامن، مسجد ڪميٽين، واپاري، دُڪاندار، وغيره) جي تعاون سان مختلف هنڌن تي اَوراقِ مُقَدَّسَہ جي تَحَفُّظ جي لاءِ بڪس (Box) وغيره جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي ۽ مجلس جي ذَريعي شرعي ۽ تنظيمي اُصولن جي مُطابق اَوراقِ مُقَدَّسَہ کي دفن، ٺڏو يا محفوظ ڪرڻ جو ڀرپور انتظام ڪيو ويندو آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن مجلس جي تحت پاڪستان جي اٽڪل 150 کان وڌيڪ شهرن ۾ مختلف هنڌن تي ڪم وبيش 27000 (ستاويھ هزار) باڪس (Box) لڳايا ويا آهن ۽ هينئر تائين اوراقِ مقدسہ جا تقريباً 2 لک کان وڌيڪ ٿيلها محفوظ ڪيا ويا آهن.

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي بيان ۾ اسان ادب جي اهميت جي باري ۾ ٻڌو تہ ❀ جيڪي قابلِ ادب شين ۽ هستين جو ادب ۽ احترام ڪن ٿا، انهن جا نصيب سنا هوندا آهن ❀ ۽ اهي ادب جي برڪت سان دُنيا ۽ آخرت جون سعادتون ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ❀ ادب جي ڪري ڪڏهن تہ بي ايمان کي ايمان جي دولت نصيب ٿيندي آهي جيئن جادوگرن حضرت موسيٰ عَلَيہ السَّلام جو ٿورو ادب ڪيو تہ اُنهن کي ايمان جي دولت نصيب ٿي ❀ ادب جي ڪري ڪڏهن گناهگار کي توبہ ۽ نيڪي جي توفيق ملندي آهي ❀تہ ڪنهن کي ولايت جو درجو نصيب ٿيندو آهي، اسان جا بُزرگانِ دِين الله جي نالي جو، الله وارن جو، ۽ قرآن جو پاڻ بہ بي حد ادب ڪندا هئا ۽ ٻين جي بہ هن معاملي ۾ مدني تربيت ڪندا هئا. الله عَزَّ وَجَلَّ انهن بزرگن جي طرزِ عمل جو ۽ انهن جي تعليمات جو صدقو اسان کي بہ عطا فرمائي ۽ اسان کي بااَدَب با نصيب بنائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

ان کی سنَّت کا جو آئینہ دار ہے بس وُہی تَو جہاں میں سمجھدار ہے

## پاڻي پيئڻ جا مدني گل

اچو! شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ کان پاڻي پيئڻ جا مدني گل ملاحظہ فرمايو.

❁ پيئڻ کان پهرين بِسۡمِ اللّٰه پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽئي ساهه ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي ۽ اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو به پاڻي بيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي. (فتاويٰ رضويه ج 4 ص 575، ج 21 ص 669) اهي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيء وغيره ته ناهي (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چئو ❁ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر وارو صاف پاڻي ڪي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نه کپي ❁ منقول آهي: سُؤرُ الۡمُؤمِنِ شِفَآءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. (الفتاويٰ الفقيهة الڪبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، ڪشف الخفاء ج 1 ص 384) ❁ **پيئڻ جي** ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا ته ان جي ديوارن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي به پي ڇڏيو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ بغور ان جو مطالعو به فرمايو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد